# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 2004
# SINDH ACT NO.VI OF 2004
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2003
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance No.III of 1980

3. منسوخي
Repealed

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 2004
# SINDH ACT NO.VI OF 2004
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2003

[11 جون 2004]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance No.III of 1980

2. سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شق (m) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(mm) "ڄار" جنهن ۾ شامل آهي، ڪو ڄار جيڪو هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ حڪومت طرفان اعلان ڪيو ويو هجي."

منسوخي
Repealed

3. ڇاٽايل آرڊيننس جي دفعه 21 جي ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) جيڪو به دفعه 4 جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي

ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا هڪ سال تائين وڌيڪ سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.”.

“(1A) جيڪو به دفعات 5، 7 يا 8 جي ڪنهن به گنجائش جي پيچڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.”.

4.سنڌ فشريز (ترميم) آرڊيننس، 2003 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**